SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 2020

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2020

# سنڌ دڪان ۽ واپاري ادارا (ترميم) آرڊيننس، 2020

# THE SINDH SHOPS AND COMMERCIAL ESTABLISHMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 2020

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 2016 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XII جي دفعه 24 جي ترميم
Amendment of Section 24 of Sindh Act No.XII of 2016
3. 2016 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XII جي شيڊول جي فارم A جي ترميم
Amendment of Form A of Schedule of Sindh Act No.XII of 2016

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 2020

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2020

## سنڌ دڪان ۽ واپاري ادارا (ترميم) آرڊيننس، 2020

## THE SINDH SHOPS AND COMMERCIAL ESTABLISHMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 2020

[28 اپريل 2020]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ دڪان ۽ واپاري ادارا ايڪٽ، 2015 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ دڪان ۽ واپاري ادارا ايڪٽ، 2015 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين، 1973 جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ دڪان ۽ واپاري ادارا (ترميم) آرڊيننس، 2020 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| 2. سنڌ دڪان ۽ واپاري ادارا ايڪٽ، 2015 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ چاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 24 ۾:<br>(a) ذيلي دفعه (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:<br>”(2)اداري جي رجسٽريشن لاءِ درخواست فارم ”A“ واپاري طرفان ڏني ويندي.“؛<br>(b)ذيلي دفعه (4) ۾ لفظن ”۽ فيس“ کي ختم ڪيو ويندو. | 2016 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XII جي دفعه 24 جي ترميم<br>Amendment of Section 24 of Sindh Act No.XII of 2016 |
| 3.چاٽايل ايڪٽ جي شيڊول جي فارم ”A“ ۾، فوٽ نوٽ لاءِ هيٺيون فوٽ نوٽ متبادل هوندو:<br>”نوٽ: هي بيان لاڳاپيل ايراضي جي دڪانن جي ڊپٽي چيف انسپيڪٽر ڏانهن اماڻيو ويندو.“. | 2016 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XII جي شيڊول جي فارم A جي ترميم<br>Amendment of Form A of Schedule of Sindh Act No.XII of 2016 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**